# نالي ماتر آزادي

ذوالفقار علي ڀٽو



# ناڵي ماتەر آزادي

# نالي ماتر آزادي

ذوالفقار علي ڀٽو

سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ

١٩٨٩ع

مصنف



ذوالفقار علي ڀٽو

پهريون سنڌي ڇاپو. جنوري ١٩٧٥ع تعداد ٢٠٠٠
ٻيو سنڌي ڇاپو جون ١٩٨٩ع تعداد ٢٠٠٠

(مصنف جا سڀ حق ۽ واسطا قائم)

[ڊاڪٽر اسدالله شاهه حسينيءَ هن ڪتاب جي پهرين ٻن بابن جو سنڌي ترجمو ڪيو ۽ باقي سموري ڪتاب جي ترجمي ۽ پروف ريڊنگ جو ڪم مسٽر سومار علي سومري سرانجام ڏنو — ادارو]

سرورق: اسلم ڪمال، لاهور

قيمت: پنجاهه رپيا
[Price: Rs. 50-00]

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو سنڌ ۾ مئنيجر ميان الله بچايو يوسف زئي ڇپيو ۽ مسٽر حبيب الله صديقيءَ سيڪريٽري / ڊائريڪٽر سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي شايع ڪيو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

## انتساب

پاڪستان جي خودمختيار عوام جي نالي

www.bhutto.org

## ناشر طرفان

The Myth of Independence جو سنڌي ترجمو جنوري ١٩٧٥ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي طرفان ڇاپي پڌرو ڪيو ويو هو. ٻه هزار ڪاپيون سال اندر خريد ٿي ويون. اُن بعد هن ڪتاب جي مسلسل تقاضا ٿيندي رهي پر ڪن مجبورين سبب ادارو اُن کي ٻيهر شايع ڪري نه سگهيو.

هاڻي حالتون سازگار ٿيون آهن ته ٻيو ڇاپو پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيا آهيون.

حبيب الله صديقي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو
سومر ١٢ جون ١٩٨٩ع

www.bhutto.org

# شڪر ادائي

جناب جي. اي. رحيم، جنهن ڌيان سان هن ڪتاب جي مسودي کي پڙهيو ۽ جيڪي قيمتي تجويزون ڏنيون، تنهن لاءِ سندس شڪريو ادا ڪري، هن ڪتاب ۾ جيڪي لکيو اٿم، تنهن جي سڄي ذميداري کڻڻ کان آءٌ پاڻ کي آجو نٿو ڪريان.

آءٌ هنن جو پڻ شڪرگذار آهيان: هميش هئملٽن هارپر ۽ ائنڊ رَوَ، جن مون کي جان. ايف. ڪينيڊيءَ جي "دي اسٽرئٽيجي آف پيس" مان اقتباس وٺڻ جي اجازت ڏني؛ جوناٿن ڪيپ لميٽيڊ ۽ ڪرٽس براؤن لميٽيڊ، جن پيورلي نڪلس جي "ورڊڪٽ آن انڊيا" مان اقتباس وٺڻ جي اجازت ڏني؛ چيٽو ائنڊ ونڊس لميٽيڊ ۽ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس انڪ، جن سون کي اين. سي. چوڌريءَ جي "دي ڪانٽيننٽ آف سرسي" مان اقتباس نقل ڪرڻ جي اجازت ڏني.

www.bhutto.org

پهچائڻ يا انصاف جي اصولن جي خلاف ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان تڪرارن جو نبيرو ڪرڻ هجي، جيڪي قومي سلامتيءَ بلڪ خود قومي بقا جي بيخ ۽ بنياد تي وار ڪن ٿا، تن کان بچاءُ ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن اِهَي ڪن پاليسين جي پاڻ تي ذميداري کڻان ٿو ته ان سان گڏ هيءَ حقيقت به تسليم ڪريان ٿو ته جون 1966ع تائين، جڏهن مون وزيرخارجه جو عهدو ڇڏيو، مون انهن تي عمل ڪرائڻ لاءِ هر طرح سان ڪوشش ڪئي.

جيتوڻيڪ منهنجي دل گهڻوئي پئي چاهيو ته 1965ع واريءَ پاڪستان-هندستان جنگ ۽ ان کان پوءِ ٿيل تاشقند پڏرنامي جي ڪجهه وڌيڪ اپٽار ڪريان، پر پوءِ مون مختلف سببن جي ڪري انهن ٻن اهم موضوعن تي بحث ڪرڻ جي معاملي کي مستقبل ۾ ڪنهن مناسب موقعي تائين ملتوي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. تاريخ جي انهيءَ باب متعلق حقيقت بيان ڪرڻ جو مرحلو اڃا اڳتي اچڻو آهي.

آءٌ تسليم ڪريان ٿو ته هيءُ ڪتاب تڙتڪڙ ۾ ۽ اهڙين حالتن هيٺ لکيو ويو آهي، جن تي منهنجو ڪو وس ڪونه آهي ۽ جڏهن وقت جي خلاف اهڙي ڊوڙ لڳي پيئي آهي، جيڪا پاڪستان کي انتهائي تيز رفتاريءَ سان هڪ اهڙي چوواٽي طرف ڇڪي وڃي رهي آهي، جتان هڪ کان سواءِ باقي سڀ واٽون تباهيءَ ڏانهن وڃي رهيون آهن.

ڪراچي،
نومبر 1967ع.

ذوالفقار علي ڀٽو

www.bhutto.org

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .



www.bhutto.org

# فهرست

دياچو


| صفحو | عنوان | باب |
|---|---|---|
| ١ | برابريءَ لاءِ جدوجهد | پهريون |
| ١١ | عالمي طاقتون ۽ ننڍيون قومون | ٻيو |
| ٤٩ | ورهاڱي ۽ هندستان جي غيرجانبداريءَ ڏانهن آمريڪي رويو | ٽيون |
| ٨١ | چين جي خلاف هندستان جي آمريڪا کان امداد وٺڻ | چوٿون |
| ١١٣ | آمريڪا جي هندستان لاءِ امداد ۽ پاڪستان کان بي نيازي | پنجون |
| ١٣٤ | پاڪستان کي هندستان جي قيادت جي حلقي ۾ آڻڻ جي آمريڪي حڪمت عملي | ڇهون |
| ١٥٧ | آمريڪي شرطن تي هندستان سان اشتراڪ عمل | ستون |
| ١٦٩ | آمريڪي مطالبا ۽ پاڪستان لاءِ کليل راهون | اٺون |
| ١٩١ | هند و پاڪ جنگ ۽ ان جا مثال | نائون |
| ٢٠٧ | پاڙيسرين ۽ ڪن ٻين ملڪن سان تعلقات | ڏهون |
| ٢١٤ | ويٽ نام جي جنگ ۽ پاڪستان | يارهون |
| ٢٢٠ | چين ۽ پاڪستان جا تعلقات | ٻارهون |
| ٢٢٦ | يورپي ملڪن ۽ عظيم طاقتن سان تعلقات | تيرهون |
| ٢٤٢ | ڪي نتيجا | چوڏهون |


www.bhutto.org

| | | |
|---|---|---|
| پندرهون | ملڪ جو بهترين دفاع | ٢٥٠ |
| سورهون | اڳرائيءَ جي روڪٿام | ٢٥٤ |
| سترهون | وڏندڙ بحران جو مقابلو ڪيئن ڪجي | ٢٦٠ |
| ارڙهون | هندستان سان تنازعي جا بنياد | ٢٦٩ |
| اڻويهون | هندستان سان مقابلو | ٢٩٣ |
| ويهون | پڇاڙي | ٣٠٧ |


www.bhutto.org

# نالي ماتر آزادي

www.bhutto.org

ڪي پراڻين عادتن کي الوداع ڪرڻي پوندي. حقيقتاً تازن ظاهر ٿيل واقعن جي اثر کي تڌهن رئي پرکي سگهبو، جڏهن هر وڏي واقعي کي جيڪو بين الاقوامي طاقتن جي ٽڪرجڻ ڪري ٿيو، سياست جي موجوده ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ سان ئي ان جي صحيح مقام تان جانچبو. منهنجي ڳالهه تنهن ڪري لازمي طور تي آغاز کان شروع ٿئي ٿي يعني برصغير جي ورهاڱي کان ٿورو اڳ هڪ هزار جي ٽرڊ رائيش جي شڪست کان وٺي.

www.bhutto.org

# باب ٻيو

## عالمي طاقتون ۽ ننڍيون قومون

ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي پڄاڻيءَ کان هڪ نئين سياسي صورتحال پيدا ٿي آهي، ۽ جيڪا چاڪاڻ ته شايد ايتريقدر واضح آهي، جو ان کي صحيح پس منظر ۾ نه ڏٺو ويو آهي ۽ ان جي اثرن کي ڪڏهين به پوري طرح نه سمجهيو ويو آهي. ١٩٣٩ع تائين اهو چئي سگهجي ٿو ته وڏيون طاقتون هي هيون:

١. آمريڪا.
٢. برطانيا.
٣. فرانس.
٤. جرمني.
٥. روس.
٦. جپان.
٧. اٽلي.

اوڻيهين صديءَ ۾ ۽ ويندي ويهين صديءَ جي پهرين اڌ تائين، پرڏيهي معاملن کي هلائڻ جو روايتي طريقو علائقائي معاهدن تي مبني هو، جنهن جو مقصد هو ننڍين قومن جي حمايت سان وڏين طاقتن جي گروهبندين جي وچ ۾ توازن قائم رکڻ. انهيءَ تمام نازڪ توازن کي برقرار رکڻ سان ئي امن قائم رکيو ٿي ويو، ۽ امن تڏهن خطري ۾ پئجي ٿي ويو جڏهن توازن، اٽلي هڪ نه ٻئي ٽولي جي فائدي ۾ ٿي ويو. انهن ڏينهن ۾ ننڍيون قومون مختلف سياسي سودبازين ۽ گانڍاپڻ جي ذريعي وڏين طاقتن جي پاليسي ۽ گانڍاپي تي اثرانداز ٿي سگهيون ٿي.

www.bhutto.org

بلڪ ڪين عالمي طاقتن جي موقف ڪان متاثر ٿيڻ ڪان سواءِ اڳرائيءَ جي خلاف سينو سپر ڪري سامراجيت کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لاءِ انصاف جي بنيادن تي پنهنجي مقصدن جي حمايت ڪرڻ گهرجي. ننڍين قومن لاءِ بهتر ٿيندو، ته اهي عالمي طاقتن جي حريفانه چڪتاڻ ۾ گهٽ کان گهٽ غيرجانبداريءَ وارو رويو اختيار ڪن. انهن جي لاءِ ڪنهن وڏي طاقت جي خلاف ڪنهن ٻي وڏي طاقت سان مڪمل ايڪو ڪرڻ ڪوتاهه انديشي ٿيندو. ان جو هرگز اهو مطلب ڪونهي ته پنهنجن قومي مقصدن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪا ننڍي قوم ڪو اهڙو موقف اختيار نه ڪري، جيڪو ٻين وڏين طاقتن جي مقابلي ۾ ڪنهن هڪ وڏي طاقت سان زياده هم آهنگ هجي. پر ان جو اهو مطلب ضرور آهي ته ننڍي رياست ڪنهن هڪ وڏي طاقت جي خلاف ڪنهن ٻي وڏي طاقت سان اهڙو ايڪو ڪرڻ کان گريز ڪري، جنهن ۾ بين الاقوامي معاملن ۾ اڳواٽ طئي ٿيل موقف اختيار ڪرڻو پوي ۽ سو به فقط عارضي مادي فائدن جي خاطر يا انهيءَ سبب کان ته انهيءَ رياست جي برسر اقتدار حڪومت کي اهو انديشو آهي ته اها انهيءَ طاقت جي سهاري کان سواءِ پنهنجي ئي عوام جي هٿان ختم ٿي ويندي.

عملي حالتن ۾، ننڍين قومن کي اهڙي حڪمت عملي ٺاهڻ گهرجي، جنهن جي ذريعي سڀني عالمي طاقتن سان معمول جي مطابق ٻه-طرفا تعلقات قائم ٿين، جن ۾ انهن طاقتن جي طرفان ڪنهن مداخلت جو امڪان نه هجي ۽ جن جي درجي بندي روشن خيال قومي مقصدن جي بنياد تي بلڪل سمجهه ۾ اچڻ جهڙي هجي. انهن تعلقات کي جيڪڏهن فائدي بخش ۽ معقول ٿيڻو آهي ته اشتراڪ عمل جا شرط اهڙا هئڻ گهرجن، جن ۾ خالص نظرياتي معاملن يا دفاعي عهد و پيمان ۾ هڪ ٻئي جي مقابلي ۾ ترجيح

www.bhutto.org

طاقتون يورپ ۽ ايشيا ۾ حالات جي بدلجندڙ حوالن جي روشنيءَ ۾ پنهنجن مقصدن کي نئين سر واضح ۽ مرتب ڪنديون، جڏهن حاڪميت کي متحده مقابلي کي منهن ڏيڻو پوندو ۽ جڏهن سائنس جي زمين ۾ اقتصادي ۽ معاشرتي حالتن مان ڦٽندڙ واقعن جي عام تاچي پيٽي ۾ نوان ميدان سر ٿيندا.

هڪ عالمي ۽ بين البراعظمي ناهم ۽ رابطي جي اهميت هن ڪري گهٽ نه ٿي ٿئي، جو جاگرافي هائي به هر ملڪ جي خارجه پاليسيءَ جي تشڪيل تي سڀ کان وڌيڪ اهم اڪيلي عامل جي حيثيت رکي ٿي. جيڪڏهن ڪا قوم پنهنجي ويجهي کان ويجهي پاڙيسري ملڪ سان موافقت پيدا نه ٿي ڪري سگهي ته ڏورانهين قومن سان باهمي مفاهمت جي سطح تائين پهچڻ ان جي لاءِ اڃا به وڌيڪ مشڪل ثابت ٿيندو. ڪنهن قوم جي بين الاقوامي لاڳاپن ۾ پختگي ۽ لچڪ انهيءَ پختائي ۽ لچڪ سان پيدا ٿيندي آهي، جيڪا اها پنهنجي ويجهي کان ويجهي پاڙيسريءَ سان پنهنجن لاڳاپن ۾ روا رکندي آهي. حقيقت ۾ جيڪڏهن سڀ پاڙيسري ملڪ هڪٻئي سان سٺي مفاهمت پيدا ڪري وجهن ته بين الاقوامي تعاون ۾ هوند وڏيون سهولتون پيدا ٿي وڃن. علائقائي جهڳڙا، جيڪي ٻين سڀني جهڳڙن کان وڌيڪ اهم هوندا آهن، پاڙيسرين ۾ اٿندا آهن ۽ پاڙيسري رياستن جي تعلقات ۾ ڇڪتاڻ پيدا ڪندا آهن. ساٿين جي درميان پيچيدگين وانگر، رياستن جي درميان سڀني کان وڌيڪ پيچيده بين الاقوامي حالتون اتي پيدا ٿينديون آهن، جتي انهن جون سرحدون گڏيل هونديون آهن. ويجهڙائيءَ جي سبب ڪري ۽ باهمي تعلقات جي وسعت جي بدولت پڻ، پاڙيسري ملڪن جي خارجه حڪمت عملين ۾ نه فقط انهن جي باهمي اختلافن ۾ سختي ۽ شدت پيدا ٿيڻ جو انديشو هوندو آهي، بلڪ سندن درميان طرح طرح جا روزمره جا مسئلا پڻ ظاهر ٿيندا رهندا آهن. اهوئي عمل

www.bhutto.org

واضح ٿي ويئي هجي ته دنيا جي بدليل سياسي حالات جي- جنهن ۾ ٻن عالمي طاقتون وجود ۾ اچي ويئون آهن، ۽ انسانن جي ذهنن تي قابو پائڻ لاءِ سڄي دنيا ۾ هرهنڌ ڇڪتاڻ جاري آهي- تقاضا آهي ته ننڍين قومن جا سياستدان، جن جي هٿن ۾ سندن مائهن جي قسمت جي واڳ آهي، گهڻي هوشياري ۽ احتياط ڪن. انهن سياستدانن جي خارجه پاليسي جي اهتمام ۾ عالمي طاقتن جي طرف رويي جي انداز مان، ۽ خود انهن جي درميان استحڪام سان ئي آخرڪار هي طئي ٿيندو ته جن قومن جي رهنمائي انهن جي ذمي آهي، سي سڀاڻي جي دنيا ۾ پنهنجي آزادي ۽ خودداري قائم به رکي سگهنديون يا نه.

www.bhutto.org

مملڪتون موجود هجن ها. ان وقت انگريزن لاءِ انتخاب، هندستان کي هڪ متحد ملڪ جي حيثيت ۾ ڇڏي وڃڻ يا ان کي ٻن ملڪن جي صورت ۾ ورهايل ڇڏي وڃڻ جي درميان نه، بلڪ هندستان کي ٻن قومن جي حيثيت ۾ ورهائي ڇڏڻ يا ان کي ٽڪرا ٽڪرا ٿي گهٽ ۾ گهٽ ڇهن پنجن مملڪتن ۾ ورهائجي وڃڻ لاءِ ڇڏي وڃڻ ۾ هو. پاڪستان جي تخليق، هندستاني قوميت جي نمايان صورت اختيار ڪرڻ جي عمل ۾ مدد ڏني آهي. جيڪڏهن هندستان ۾ پاڪستان جي خلاف نفرت ڦهليل نه هجي ها، ته هندستان لاءِ ان جي مختلف ٻولين ڳالهائيندڙ صوبن کي هڪٻئي کان ڇڄي ڌار ٿيڻ کان روڪڻ انتهائي دشوار ڪم ٿئي ها. هاڻي به صورت اها آهي ته پاڪستان جي خلاف بغض هئڻ جي باوجود هندستان پنهنجي غير معمولي اتحاد کي ڏاڍي مشڪل سان ۽ مس مس قائم رکي سگهيو آهي. اها وڏي اهميت واري ڳالهه آهي، جنهن کي انهن پرڏيهي طاقتن کي ياد رکڻ گهرجي، جيڪي پاڪستان ۽ هندستان جي درميان اثرائتو پرچاءُ آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪن ٿيون. "ڪميونسٽ خطري" کي وڌيڪ اثرائتي نموني ۾ منهن ڏيڻ لاءِ هڪ ناقابلِ تقسيم ننڍي کنڊ کي وجود ۾ آڻڻ بدران، ممڪن آهي ته ان جا ٽڪرا هر طرف پکڙجي ڪن عالمي طاقتن جي مقصدن کي برباد ڪري ڇڏين. صاف لفظن ۾ ان جو مطلب هيءُ آهي ته پاڪستان کي جذب ڪرڻ جي ڪوشش، موجوده هندستان جي هيڪڙائيءَ جي انت آڻڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي. اهڙي انتشار مان اهي سڀ تباهڪن نتيجا نڪري سگهن ٿا، جن کان مغرب پاڪستان کي هندستان سان ڪنفيڊريشن بنائڻ تي مجبور ڪرڻ سان بچڻ چاهي ٿو.

اهي ماڻهو جيڪي پاڪستان جي اصلي روح کي نه ٿا سمجهن ۽ جن جو قوميت جو تصور رسمي علائقائي سببن تي

www.bhutto.org

جو وهي ڪاتو بند ڪري رهيو هو. آمريڪا جو هندستان جي صورتحال سان ڪو واضح ۽ سنئون سڌو تعلق ڪو نہ هو. اها ان جي باري ۾ معلومات ۽ مشوري لاءِ گهڻي ڀاڱي برطانيہ تي آسرو رکندي آئي. اها حقيقت آهي تہ آمريڪا هندستان کي آزاد ڏسڻ جي خواهشمند هئي ۽ ڪن موقعن تي تہ، هندستان جي آزاديءَ جو جلد اعلان ڪرڻ جي مطالبن سان برطانيہ کي چيڙائي بہ ڇڏيندي هئي. اهو چوڻ درست ڪو نہ ٿيندو تہ آمريڪا ورهاڱي جي مخالف هئي، پر اهو يقيناً چئي سگهبو تہ آمريڪا متحده هندستان کي ترجيح ڏيئي رهي هئي ۽ انڪري ان جي ڪانگريس جي متحده هندستان جي مطالبي سان همدردي هئي. آمريڪا، خطرن جي انهن برطانوي تخمينن سان بہ متفق هئي، جيڪي ان ورهايل هندستان جي ڪري مغرب جي مفادن کي لاحق ٿيڻ بابت لڳايا هئا. پر آمريڪا هندستان جي سياسي صورتحال جي تفصيلن ۽ باريڪين کان ايتري واقف ڪانہ هئي، جو اها ورهاڱي بابت ڪو بہ واضح موقف اختيار ڪري سگهي. ان جي باوجود، آمريڪا انهيءَ ملڪ جي سياسي ۽ جاگرافيائي اهميت کان خوب واقف هئي، ۽ اها چين ۽ هندستان کي مغرب جي ٻن مضبوط قلعن جي حيثيت ۾ ترقي ڪندي ڏسڻ جي توقع بہ رکي رهي هئي.

1940ع واري ڏهاڪي وارن اوائلي ۽ درمياني سالن جي دوران ۾ انڊين نئشنل ڪانگريس جي اڳواڻن کي ڪيئي تجويزون پيش ڪيون ويئون ۽ نيٺ سن 1941ع جي 21- جولاءِ تي اعلان ڪيو ويو تہ آمريڪا ۽ هندستان جي درميان نمائندن جو تبادلو ڪيو ويندو. ڊسمبر سن 1941ع ۾ جڏهن مسٽر چرچل واشنگٽن ويو، تڏهن مسٽر روزويلٽ هن سان هندستاني مسئلي تي ڳالهيون ڪيون. ان کان پوءِ سن 1942ع جي فيبروري مهيني جي آخر ۾، صدر

www.bhutto.org

واسطو پئجي رهيو هو، جن جي باري ۾ انهن جا رايا مضبوط پر تجربو ٿورو هو. هاڻي جڏهن ته جپاني هندستان جي سرحدن جي طرف وڌي رهيا هئا، آمريڪا جي حڪومت هندستان جي معاملن ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ۽ مشورن ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو." (1)

11- مارچ سن 1942ع تي صدر روزويلٽ هندستان جي سوال تي مسٽر چرچل ڏانهن پنهنجا خيالات موڪلي ڏنا. هن آمريڪي حڪومت جي ابتدائي بنيادن جو مثال ڏيندي راءِ ڏني ته:

"هندستان ۾ هڪ اهڙي عارضي حڪومت قائم ڪئي وڃي، جنهن جي سربراهي هڪ ننڍي نمائنده جماعت ڪندي هجي، جيڪا مختلف ذاتين، ڌنڌن، مذهبن ۽ علائقن تي مشتمل هجي ۽ انهيءَ جماعت کي ڊومينين جي عارضي حڪومت تسليم ڪيو وڃي. صدر روزويلٽ جي تجويز جو مرڪزي خيال اهو هو ته ان کي هڪ اهڙي اداري قائم ڪرڻ جو فرض سونپيو وڃي، جيڪو سڄي ملڪ لاءِ وڌيڪ مستقل حڪومت جي باري ۾ غور و فڪر ڪري"(2).

هندستان ۾ ڪرپس مشن جي اچڻ جي موقعي تي صدر روزويلٽ جي هندستان ۾ خصوصي نمائندي ڪرنل لوئي جانسن جنهن جو مشن جي غور و خوض سان قريبي رابطو قائم ڪيل هو، 22- اپريل تي هڪ اخباري ملاقات ۾، پين ڳالهين کان علاوه هيئن چيو:

"حملي آور کي پٺتي ڌڪي ڪڍڻ سان ئي هندستان دنيا جي وڏين حڪومتن جي درميان پنهنجو مقام پيدا ڪرڻ جي اميد رکي سگهي ٿو. اسين، آمريڪا ۾ هندستان ۽ چين جي صورتحال جو گهري دلچسپيءَ سان مطالعو ڪري رهيا

---

(1) چرچل – اڳ ۾ ذڪر ڪيل ڪتاب، ص- 185.
(2) ايضاً ص- 189.

www.bhutto.org

آجو ڪري، جيڪو مٿس سندس بي انتها دولت چاڙهي رکيو آهي"(1). هڪ هفتو پوءِ هن اعلان ڪيو، "هندستان کي خدا جي هٿن ۾ ڇڏيو، يعني جديد گفتگوءَ جي انداز ۾ ان جو مطلب ڪيس طوائف الملوڪي جي حوالي ڪري وڃڻ هو، ۽ اها طوائف الملوڪي ڪجهه مدت لاءِ خانه جنگي يا بنان روڪ ٽوڪ جي لڳندڙ ڌاڙن جي صورت اختيار ڪندي. انهن واقعن وچان، انهيءَ غير حقيقي هندستان جي جاءِ تي هڪ حقيقي هندستان اڀري نروار ٿيندو."

هتي هن ڳالهه جو به ذڪر ڪرڻ گهرجي ته ڪيئي ماڻهو اڃا تائين هن ڳالهه تي يقين رکن ٿا ته جڏهن هڪ ڀيرو هندستان جي ورهاڱي جو مطالبو تسليم ڪيو ويو هو ته اهو بهتر ٿئي ها، جيڪڏهن ملڪ تقسيم ڪيو وڃي ها ۽ انهن نگران غير ملڪي عناصر کي هٽائي ڇڏجي ها، جيڪي اڃا حالات ۾ ملڪي انتظاميه، هٿياربند فوجن، پوليس ۽ عدليه ۾ رهجي ويا هئا. انهن پرڏيهي عناصر کي هٽائڻ جي نتيجي ۾ شايد وڌيڪ رتوڇاڻ ٿئي ها. پر ان مان هندستان ۽ پاڪستان جي درميان وڌيڪ صاف ۽ زياده قدرتي سرحدي ليڪ ظاهر ٿي بيهي ها. ان جي ڪري پاڪستان جي ماڻهن جون دليون بي انصافيءَ وارين سرحدن جي فيصلن ۽ فتوائن سبب نه سڙن ها ۽ نه کين اهو فريب برداشت ڪرڻو پوي ها، جيڪو الحاق جي هڪ دستاويز جي ذريعي هڪ اهڙي سربراه مملڪت جي ذريعي جموں ۽ ڪشمير جي ماڻهن سان ڪيو ويو، جيڪو غير ملڪي هو ۽ جنهن سيني مسئلن جو جائزو پنهنجي ملڪ جي مفاد جي نقطه نظر کان ورتو.

ڊسمبر 1946ع ۾ لنڊن ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي ملاقاتن جي موقعي تي، آمريڪا جي پرڏيهي معاملن جي قائم مقام سيڪريٽري مسٽر ڊين انچيسن لکيو:

(1) آر. ڪوپلنڊ. "انڊين پالٽڪس" 1943، ص. 290.

ڏروسين وڏي گرمجوشيءَ سان نهروءَ کي آمريڪا جي دوري ڪرڻ جي دعوت ڏني ۽ جڏهن پنڊت نهرو اوڏانهن ويو، ته هن جي نهايت شاندار نموني سان آجيان ڪئي ويئي. هن جي انهيءَ دوري جي دوران، ۽ ان کان پوءِ به، آمريڪي انتظاميه ڏاڍي ڪوشش ڪندي رهي ته، هندستان سان هڪ خاص تعلق قائم ڪيو وڃي. جڏهن سن 1949ع ۾ هندستان دولت مشترڪ ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو ته "نيويارڪ ٽائيمس" انهيءَ فيصلي جو خيرمقدم ڪندي لکيو: "هيءُ فيصلو نه فقط دولت مشترڪ جي ترقيءَ لاءِ، بلڪ ڪميونسٽن جي فتوحات جي روڪٿام ڪرڻ، ۽ ائٽلانٽڪ بلاڪ کان هڪ وڏيڪ وسيع دفاعي نظام لاءِ رستو هموار ڪرڻ واسطي پڻ هڪ تاريخي فيصلو آهي"(1). انهيءَ سال جي سرءُ واري موسم ۾ جڏهن وزيراعظم نهروءَ آمريڪا جي ڪانگريس کي چيو ته هندستان آزادي ۽ انصاف جي جنگ ۾ غيرجانبدار نه رهندو ته "نيويارڪ ٽائيمس" پسنديدگيءَ جي انداز ۾ لکيو ته "ايشيا ۾ جمهوريت جي صف بنديءَ لاءِ واشنگٽن پنهنجون اميدون هندستان تي، جيڪا ايشيا جي ٻي سڀني کان وڏي قوم آهي، ۽ انهيءَ ماڻهوءَ تي مرڪوز ڪيون آهن، جيڪو هندستان جي پاليسي طئي ڪري ٿو- يعني وزيراعظم جواهرلال نهرو"(2). آگسٽ 1950ع ۾ انهيءَ ئي اخبار وري لکيو ته "نهرو چوڻ ته جمهوريت جي پڙ ۾ مائوزي تنگ جي مقابلي ۾ وزن رکي ٿو. ايشيا جي طرفداريءَ جي جدوجهد ۾ پنڊت نهروءَ جو حليف ٿيڻ، اسان جي لاءِ فوج جي ڪيترين ئي ڊويزنن جي برابر آهي" (3).

(1) ڪي. پي. ڪارونڪرن "انڊيا اِن ورلڊ افيئرس فيبروري 1950- ڊسمبر 1953"، 1958 — ص - 238.
(2) ايضاً.
(3) ايضاً.

www.bhutto.org

جي امدادن ڏيڻ جي صورت ۾ ڏنو ۽ پاڪستان جي پنهنجن مفادن سان مڪمل هم آهنگيءَ کي اهڙيءَ طرح سان تسليم ڪيو، جو ان جي سببن کي پنهي ملڪن لاءِ امداد جي سڄي سلسلي کي متعين ڪرڻ جو ڪو موقعوئي نه ڏنو. جڏهن آمريڪا پاڪستان کي فوجي امداد ڏيڻ جو فيصلو ڪيو، تڏهن صدر آئزنهاور هندستان کي پڻ امداد ڏيڻ لاءِ پنهنجي ملڪ جي آمادگيءَ جو اظهار ڪيو. وزير اعظم نهروءَ کي 24- آگسٽ سنه 1954ع تي مليل هڪ خط ۾ صدر آئزنهاور لکيو ته:

”آءٌ توهان کي هيءُ ذاتي پيغام هن ڪري موڪلي رهيو آهيان، جو آءٌ چاهيان ٿو ته عام ماڻهن تائين پهچڻ کان اڳ ۾ اوهان کي هيءَ اطلاع پهچي وڃي ته مون پاڪستان کي فوجي امداد ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي، ۽ هن ڪري به، جو آءٌ چاهيان ٿو ته اوهان کي سڌيءَ طرح سان مون وٽان معلوم ٿئي ته هيءُ قدم ڪنهن به طرح سان انهيءَ دوستيءَ کي متاثر نه ڪندو، جيڪا اسين هندستان لاءِ محسوس ڪريون ٿا... جيڪي ڪجهه اسين تجويز ڪري رهيا آهيون، ۽ جيڪي پاڪستان قبول ڪري رهيو آهي، تنهن جو رخ ڪنهن به طرح سان هندستان جي خلاف ناهي. آءٌ هن ڳالهه جي ڪليل تصديق ڪريان ٿو ته جيڪڏهن اسان جي ڪنهن به ملڪ کي، جنهن ۾ پاڪستان پڻ شامل آهي، ڏنل فوجي امداد جو غلط استعمال ڪري ان جو رخ اڳرائيءَ لاءِ ڪنهن ٻئي طرف ڏانهن موڙيو ويو ته آءٌ هن ڳالهه جو ذمو کڻان ٿو ته اقوام متحده جي اندر خواه ٻاهر، انهيءَ اڳرائيءَ کي ناڪام بنائڻ لاءِ هڪدم موزون قدم کڻندس. مون کي يقين آهي ته پاڪستان- ترڪيءَ جي وچ ۾ طئي ٿيل اشتراڪ عمل جو ٺاهه ٻنهي ملڪن جي دلين ۾ سمايل دفاعي مقصدن جو معقول دليل آهي. اسان کي هن ڳالهه جو به يقين آهي

www.bhutto.org

ميمبر ملڪن طرفان ڪي ٻه سؤ پنجاهه اڏا "اهم جنگي هنڌن تي، جن مان اڪثر بلڪل ضروري آهن،" آمريڪي فوجن جي استعمال لاءِ مهيا ڪيا ويا آهن. صدر اصرار مان چيو ته:

"ڊالر جي مقابلي ۾ ڊالر ڳڻيندي اسين باهمي سلامتيءَ جي پروگرام تي خرچ ڪرڻ مان، پنهنجي لاءِ معقول فوجي حيثيت حاصل ڪري چڪا آهيون، پنهنجين فوجن تي ٿيئي خرچ برداشت ڪرڻ بنسبت، گهٽي قدر وڏيڪ جنگي حفاظت خريد ڪري سگهون ٿا."

www.bhutto.org

# باب چوٿون

## چين جي خلاف هندستان جي آمريڪا کان امداد وٺڻ

آمريڪا جي پاليسي فوجي معاهدن جي نظريي جي بنياد تي جيئن تہ مضبوطيءَ سان ٻڌل هئي، ان ڪري هن ڳالهہ ۾ ڪنهن حيرت جي گنجائش ڪانہ هئي تہ ڇهين ڏهاڪي وارن سالن جي دوران پاڪستاني-آمريڪي تعلقات ۾ اضافو ايندو رهيو، تان جو سنہ 1958ع ۽ 1959ع جي اوائل ۾ اهي انتهائي عروج تي پهتا، جڏهن تہ هندستان ۽ چين جا تعلقات اوچتو خراب ٿي ويا. آمريڪا ۽ پاڪستان جي تعلقات کي لداخ جي لڙاين دوران هلڪا جهٽڪا لڳا ۽ ڪجهہ وڌيڪ سخت جهٽڪا ان وقت لڳا، جڏهن هندستان ۽ چين جي سرحدي جهڳڙي ۾ شدت پيدا ٿيڻ لڳي. انهن واقعن ۾ آمريڪا کي هڪ وڌو نئون موقعو نظر آيو- هندستان تي پنهنجي اثر و رسوخ وجهڻ جي ديرينہ آرزوءَ جي تڪميل جو.

1959ع واري سال، هڪ دور جو خاتمو ۽ ٻئي جو آغاز ٿيندي ڏٺو. مسٽر منظور قادر ان وقت پاڪستان جو پرڏيهي وزير هو ۽ آءٌ نيويارڪ ۾ اقوام متحده جي جنرل اسيمبليءَ ۾ پاڪستاني وفد جي سربراهي ڪري رهيو هوس. اتان کان مون هن کي هڪ خط لکي چتاءُ ڏنو تہ لداخ وارو ٽڪراءُ ننڍي کنڊ ۾ ڪيترين ئي تبديلين جو سبب بڻبو. ڊلس جو دور ختم ٿي چڪو هو ۽ حالات هڪ اهڙو نئون رخ اختيار ڪري رهيا هئا، جو 58-1945ع واري دور جي بي لچڪ ڊپلومسي آئينده لاءِ موزون نہ ٿي رهي سگهي. پنجين ۽ اوائلي ڇهين ڏهاڪي جون حالتون قطعي طور بدلجي

www.bhutto.org

هندستان جي اقتصادي مستقبل تي غور ڪرڻ جي معاملي ۾ بهتر ٿيندو، جيڪڏهن اسين اهو ياد رکون ته هندستان اقتصادي پرواز جي آغاز واري نقطي کان اڳتي نڪري چڪو آهي ۽ هاڻي اهو اهڙي ڪوشش ۾ مصروف آهي، جيڪا ان کي هن صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين دنيا جي عظيم طاقتن مان هڪ بڻائيندي، جڏهن ان جي آدمشماري هڪ ارب کان ڪا ٿوري ئي گهٽ هوندي ۽ هو جديد سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ تباهيءَ جي سڀني ذريعن کي پنهنجي ڪم ۾ آڻڻ جي قابل هوندو. مستقبل جي سڀني کان وڌيڪ وڏي چئلينج اهائي آهي ته هڪ اهڙي عالمي معاشري جي پُرامن تنظيم ڪجي، جنهن ۾ نه فقط آمريڪا، مغربي يورپ ۽ رشيا جهڙيون دولتمند صنعتي مملڪتون، بلڪ ايشيا، لاطيني آمريڪا، آفريڪا ۽ وچ اوڀر جون طاقتور نيون صنعتي رياستون پڻ شامل هجن. اهي رياستون پنهنجي عبوري اقتصادي دوُر مان ڪهڙي انداز ۾ اڀرن ٿيون، سا ڳالهه نه فقط ايندڙ نسل جي رنگ روپ تي اثرانداز ٿيندي، پر اهبا گهڻو ڪري سندن تاريخي پس منظر جي سٽاءَ تي پڻ وڏو اثر وجهندي. ٿورو ئي عرصو ٿيو ته پروفيسر ڊبليو- ڊبليو- روسٽوف، انهيءَ سوال کي سينيٽ جي خارجه تعلقات واري ڪاميٽيءَ اڳيان هنن لفظن ۾ پيش ڪيو هو:

”ڇا، اِنهن نين طاقتور رياستن کي هڪ مطلق نظام جي ڍانچي وچان اڀري بلوغت جي منزل تي پهچڻو آهي، جڏهن انهن جي ذهن تي سامراجيت جون تلخ يادون ۽ انهيءَ ڏک ڀري تبديليءَ جون يادگيريون حاوي رهنديون، جن مان اهي بنان ڪنهن مد جي پار پيئون هونديون، جڏهن ته مغرب هڪ تماشائي بڻيو ۽ پاسو وٺيو فقط دفاع جي مسئلن ۾ دلچسپي وٺندو رهيو، يا انهن رياستن کي هڪ جمهوري نظام جي ڍانچي وچان اهڙي طرح اڀري نڪرڻو آهي، جنهن جي

ڪامياب ھو. اسوان بند جي معاملي ۾ انڪار، بغداد پئڪٽ جو تصور، جيڪو ھن جو پنھنجو ھو، ۽ آئزنھاور جو نظريو، جنھن کي درحقيقت ھر ملڪ ۾ رد ڪيو ويو ھو - منھنجي خيال ۾ اھي سڀ ڳالھيون وچ اوڀر ۾ مسٽر ڊلس جون ناخوشگوار يادگيريون آھن.(1)

بھرحال 1959ع ۾ لداخ واري چيني- ھندستاني تصادم کان اڳ، سينيٽر ڪينيڊي پاڪستان جي ناراضگيءَ جي قيمت تي ھندستان کي مدد ڏيڻ لاءِ تيار نہ ھو. انھيءَ ڳالھہ جو ثبوت ھن جي 25- مارچ 1959ع واري سينيٽ جي اڳيان ڪيل تقرير مان ملي ٿو:

”پاڪستان سان اسان جي خصوصي ۽ قيمتي حليفانہ لاڳاپن ۽ فوجي معاھدن جي ھئڻ ڪري اسان لاءِ اھو ممڪن ناھي تہ اسين ھندستان لاءِ بين الاقوامي سطح تي اھڙي ڪوشش ڪريون. سون پاڻ کجھ، وقت تائين اھڙي پروگرام ترتيب ڏيڻ جي امڪان جي جستجو ڪئي آھي، جيڪو ھندستان ۽ پاڪستان ٻنھي جون مشترڪ طور ضرورتون پوريون ڪري سگھي.

”آءٌ نھايت افسوس سان ھن نتيجي تي پھتو آھيان تہ پاڪستان ۽ ھندستان جي درميان موجوده سياسي ويڇا انھيءَ قسم جي پروگرام جي اجازت نہ ٿا ڏين ...... ھندستان ۽ پاڪستان جي درميان انتخاب ڪرڻ جو سوال ناھي. اسان جي ذميداري ٻنھي مان ھرھڪ کي سندس بنيادي تعميري رٿائن ۾ مدد ڪرڻ آھي. مون کي اميد آھي تہ ھاڻي اھو وقت گھڻو پري ناھي، جڏھن پاڪستان جي اقتصادي ترقيءَ ۽

---

(2) جان. ايف. ڪينيڊي، ”دي اسٽرئٽيجي آف پيس“ 1960، ص- 219.

سان اڪيلي نڪري سگهي ته سچي آزاد دنيا کي سنگين پسپائي جو مقابلو ڪرڻو پوندو. خود هندستان مايوسي ۽ عدم استحڪام جي چنبي ۾ ڦاسي پوندو، ۽ ايشيا ۾ سرخ چين جي خلاف سندس جوابي ڪردار ختم ٿي ويندو ۽ ڪميونزم کي ڪنهن به رتوڇاڻ کان سواءِ، وڏي ڪاميابي حاصل ٿي ويندي...

”اهو ڪافي ناهي ته اسين عارضي سهاري لاءِ هنگامي امداد مهيا ڪريون. اسان کي پين مغربي قومن سان گڏجي ڏگهي عرصي جي قرض ڏيڻ خاطر سنجيده ۽ دور رس پروگرام ۾ شرڪت تي رضامند ٿيڻ گهرجي، جنهن کي فني ۽ زرعي امداد جي پشت پناهي به حاصل هئڻ گهرجي، جنهن جو مقصد هندستان کي ڪميونسٽ چين جي چئلينج قبول ڪري ان کان اڳتي نڪري وڃڻ ۾ مدد ڏيڻ هجي...

”اسين چاهيون ٿا ته هندستان سرخ چين کان اها بازي کٽي. اسين چاهيون ٿا ته هندستان آزاد ۽ خوشحال ايشيا جو آزاد ۽ خوشحال اڳواڻ بڻجي. پر جيڪڏهن اسان جي دلچسپي خالص خود غرضانه، ڪميونزم جي خلاف ۽ فقط سرد جنگ جو هڪ حصو نظر ايندي، جيڪڏهن هندستاني عوام کي اهو احساس ٿيو ته اسان جا مقصد محض سياسي آهن، ته پوءِ اسين ڪميونسٽ ۽ غيرجانبدار پروپئگنڊا بازن جي هٿن ۾ کيڏنداسين، ٻاهرين ملڪن ۾ آمريڪا جي شبيهه کي بري طرح سان بگاڙينداسين ۽ انهيءَ نفسياتي اثر کي زائل ڪري ڇڏينداسين، جنهن جي اسان کي پنهنجي سخاوت ۽ فراخدليءَ مان توقع آهي (1).

---

(1) جان. ايف. ڪينيڊي، ”دي اسٽرئٽيجي آف پيس“، 1960، ص - 142-143.

www.bhutto.org

مسٽر ڪينيڊي جڏهن آمريڪا جو صدر بڻيو، تڏهن هن کي پنهنجين رٿائن کي عملي جامو پهرائڻ جو موقعو ملي ويو، هن جي ملڪ جا هندستان ۽ پاڪستان سان تعلقات هاڻي هن نظريي جي بنياد تي متعين ٿيڻا هئا ته ڪميونزم جي 'حد بندي' اقتصادي طور مضبوط ڪيل، آزاد ۽ غيرجانبدار قومن جي گهيري سان ڪئي وڃي، جن کي ڪميونسٽ دخل اندازيءَ جي خلاف آمريڪا جي فوجي طاقت جي پشت پناهي حاصل هجي. وڏيڪ اقتصادي مدد تي زور ڏيڻ جو مقصد آمريڪي مال لاءِ تجارتي منڊيون حاصل ڪرڻ هو، ته جيئن امداد حاصل ڪندڙ ملڪن سان مغرب-دوستيءَ جا تعلقات قائم رهن. فوجي ٽيڪنالاجيءَ ۾ ڪيل حيرت انگيز ترقيءَ جي ڪري فوجي اڏن ۽ اتحادن جو قدر ۽ سندن قيمت تمام گهٽي قدر گهٽجي ويئي. ٻين ڳالهين کان علاوه، انهن واقعن پڻ، فوجي امداد جي زور جو رخ بدلائي، وڏيڪ اقتصادي تعاون جي طرف ڪيو. ڪنهن امڪاني حملي جي خطري جي صورت ۾ يا پنهنجي ڪنهن اهم مفاد کي خطري پيش اچڻ جي حالت ۾ آمريڪا ۾ ويهي اتان ئي پنهنجي اختيار ۽ قابوءَ جي تحت ميزائيل ڇوڙڻ جي اهليت ۾ اهڙن اتحادين تي آسري رکڻ جي ضرورت کي گهٽائڻ جي خوبي هئي، جيڪي پنهنجن علائقن ۾ آمريڪي اڏن رکڻ ڪري آمريڪا جي بين الاقوامي تعلقات ۾ سندس مفادن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ گهربل عمل جي آزاديءَ ۾ دخل ڏيڻ طرف مائل هيون. صدر ڪينيڊيءَ برسراقتدار اچڻ کان ڪي ٿورائي ڏينهن پوءِ ڪي اهڙا فيصلا ڪيا، جن جو جلد ئي آمريڪا، هندستان ۽ پاڪستان جي ناتن تي اثر ظاهر ٿيڻ شروع ٿيو. نهروءَ لاءِ هن جي تحسين ۽ پسنديدگيءَ جو اظهار ان وقت ٿيو، جڏهن هن آمريڪي ڪانگريس جي گڏيل اجلاس کي هن طرح سان خطاب ڪيو:

www.bhutto.org

5ـ ڪنهن به مقرره پاليسي تي گامزن رهڻ کان سواءِ هو هڪ موقعه پرست جو ڪردار ادا ڪري سگهي ها، ۽ جيڏانهن به هوا جو رخ ڦرندو ڏسي ها، تيڏانهن پنهنجي سياسي ٻيڙيءَ جو سڙهه ڦيرائيندو رهي ها.

هتي آءٌ حڪومت پاڪستان لاءِ ڪليل انهن رستن جي خوبين ۽ خامين متعلق ڪجهه به چوڻ نه ٿو چاهيان.

www.bhutto.org

ڪنسورشيم طرفان هندستان لاءِ امداد ڪانگريس جي منظوري حاصل ڪرڻ کان اڳ ئي طئي ڪئي ويئي هئي. ڪنسورشيم جو اجلاس پاڪستان تي ڪُليو ڪَلايو ڊپاڻ وجهڻ لاءِ ملتوي ڪيو ويو هو. صدر ايوب کي صدر جانسن جو پيغام پهچائڻ کان جلدئي پوءِ آمريڪي سفير مون سان ملاقات ڪئي ۽ اهي "معاملا" بيان ڪيا جن تي پاڪستان جي اقتصادي ضرورتن تي توجہ ڪرڻ لاءِ ڪنسورشيم جو اجلاس سڏائڻ کان اڳ ۾ غور ڪرڻ ضروري هو. اهي معاملا انهن تعلقات جي سڄي ساري سلسلي سان وابستہ هئا، جيڪي پاڪستان جا عوامي جمهوريه چين، صدر سوئيڪارنو جي حڪومت ۽ ويٽ نام سان هئا.

آمريڪي حڪومت جو اهو قول ۽ اقرار، تہ جيڪڏهن هندستان پنهنجي امداد جو بيجا استعمال ڪيو تہ اها پاڪستان جي مدد لاءِ پهچندي، بلڪل واضح ۽ شڪ وشبهي کان بالاتر آهي. سيٽو ۽ سينٽو جي معاهدن جي شرطن ۽ ٻہ-طرفن دفاعي معاهدن کان علاوه، آمريڪا جي پاڪستان لاءِ اڳوڻي سفير مسٽر مڪناگيءَ 31- آڪٽوبر سن 1963ع تي حيدرآباد ۾ بيان ڏنو تہ آمريڪا هن لاءِ هر احتياطي تدبير اختيار ڪندي تہ اها "امداد" جيڪا هندستان کي چين سان وڙهڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ ڏني ويئي آهي، سا پاڪستان جي خلاف استعمال نہ ڪئي وڃي. نومبر 1962ع ۾ آمريڪا هن ڳالھ جي ضمانت ڏني تہ هندستان سان گڏ، ڪنهن بہ ٻاهرين طاقت طرفان اڳرائيءَ جي صورت ۾ اها سڌيءَ طرح سان پاڪستان جي مدد لاءِ پهچندي. 9- نومبر سن 1962ع تي آمريڪا جي سفير مسٽر مڪناگيءَ ڪراچيءَ ۾ هڪ پريس ڪانفرنس ۾ اعلان ڪيو تہ "آمريڪا پنهنجي طرفان سرڪاري طور پاڪستان جي حڪومت کي يقين ڏيارِيو آهي تہ جيڪڏهن هندستان کي ملندڙ امداد جو ڪنهن ٻئي ملڪ

www.bhutto.org

خلاف غلط رخ ۾ ڪو بيجا استعمال ڪيو ويو ته آمريڪا پنهنجي دستوري اختيارن مطابق، اقوام متحده جي اندر خواه ٻاهر، هندستان طرفان ڪيل اهڙيءَ اڳرائيءَ ڪي پنهنجي هنڌ ناڪام بنائڻ لاءِ مناسب ڪارروائي ڪندي.“ هيءُ بيان، درحقيقت انهيءَ اعلان جي پٺڀرائي ڪندڙ هو، جيڪو هڪ ڏينهن اڳ ۾ آمريڪا جي اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ طرفان ڪيو ويو هو. انهيءَ موضوع تي گفتگو ڪندي، 20- نومبر 1962ع واري ڏينهن صدر ڪينيڊيءَ هڪ پريس ڪانفرنس ۾ چيو ته:

”هندستان کي فوجي امداد ڏيندي، اسان کي پاڪستان سان پنهنجي اتحاد جو پڻ پورو پورو خيال آهي. هندستان کي ملندڙ اسان جي سڄيءَ امداد جو مقصد، چيني ڪميونزم جي تخريب ڪاراڻي ارادن کي شڪست ڏيڻ آهي. ننڍي کنڊ ۾ چينين جون دخل اندازيون هندستان کان سواءِ پاڪستان لاءِ پڻ خطري جو باعث آهن ۽ انهن جي مخالفت ڪرڻ ۾ ٻنهي جو مفاد مشترڪ آهي. انهيءَ نڪته طرف اسان ٻنهي حڪومتن جو توجه ڇڪايو آهي. هندستان لاءِ اسان جي امداد ڪنهن به طرح سان، نه ته پاڪستان سان ڪيل اسان جي وعدن جي اهميت کي گهٽائي ٿي ۽ نه انهن کي مشروط بڻائي ٿي، ۽ اها ڳالهه پڻ اسان ٻنهي حڪومتن تي واضح ڪري ڇڏي آهي(1).

انهيءَ بيان جي خاتمي تي هن صدر ايوب جي آمريڪي دوره جي دوران 13- جولاءِ 1961ع واري گڏيل پڌرنامي ۾ ڏنل هڪ نڪته جو پڻ ذڪر ڪيو:

”ٻنهي صدرن 5- مارچ 1959ع تي ڪيل انهن ٻه-طرفن معاهدن جي اهم مقصد جي هڪ دفعو ٻيهر توثيق ڪئي، جن ۾ ٻين ڳالهين کان علاوه هيءُ اعلان به ڪيو ويو هو

(1) ڊان ڪراچي، 3- آگسٽ 1963.

پيچيدگي ٿي رهي هئي. مختصر اهو ته ننڍي ڪنڊ ۾ هٿيارن جي جنوني ڊوڙ جي شروعات ۽ همت افزائي آمريڪا جي هٿان ٿي.

پوءِ، سن 1965ع ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي درميان جنگ ڇڙي. جيڪڏهن اسان انهيءَ جنگ مان ڪافي سبق نه سکيو، ته پاڪستان ۽ آمريڪا جي تعلقات جو موجوده بحران پڻ غالباً اسان لاءِ زياده سبق آموز نه ٿيندو. چين، جنهن جي خلاف سيٽو جي تنظيم خاص طور ڪڙي ڪئي ويئي هئي، تنهن سيٽو جي اتحادي تنظيم جي هڪ ميمبر ملڪ، پاڪستان لاءِ همدرديءَ ۽ امداد جو مظاهرو ڪيو. پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ جي الميه جا ڪيئي طنزيه نظارا ۽ رخ آهن. هيءَ ملڪ پنهنجي معاهدي جي بخين اڌڙڻ بعد، پنهنجي قومي سلامتيءَ ۽ علاقائي سالميت جي تحفظ لاءِ نوان رستا ڳولڻ تي مجبور ٿيو. ڇا، اهو ممڪن هو ته آمريڪا سان مصنوعي بنيادن تي خصوصي تعلق دوباره قائم ڪرڻ سان، جيئن ڊسمبر 1965ع ۾ ڪوشش ڪئي ويئي هئي، اهو مقصد حاصل ٿي سگهي ها؟ معروضي لحاظ هن وقت تائين اهڙي رقيق ميلاپ لاءِ ٿيندڙ هر ڪوشش کي ناڪام بنايو آهي. قومي سلامتيءَ لاءِ ڳولا مختلف نمونن سان ۽ ڪن پڻ پاسن ۾ ٿيڻ گهرجي. آمريڪا جو رويو ان وقت تائين سخت ٿي ٿيندو ويندو، جيسين پاڪستان سندس شرط شروط قبول نه ڪندو يا هڪ ليڪ ڪڍي، "هن هنڌ تائين، ۽ هن کان اڳتي نه" نه چوندو. آمريڪا جي "راضي ڪريو- لونشو هٽو" واري حڪمت عمليءَ جو تازه ترين نمونو، تربيلا بند لاءِ ڪيل وعدو آهي، جيڪو پاڪستان کي تسلي ڏيڻ لاءِ ڏنو ويو هو. ان کان پوءِ، اهو انٽرلونشو 12- اپريل 1967ع تي لڳو، جڏهن پاڪستان جي فوجي امداد بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. هن ڳالهه جو فيصلو، ته ڇا پاڪستان آمريڪا سان سندس تعلقات جي موجوده رخ کي موڙي سگهي ٿو يا

www.bhutto.org

تڏهن آمريڪا ڌڪ اتي وجهڻ شروع ڪيو، جتي اها گهٽي کان گهٽي تڪليف ڏئي پئي سگهي.

جمون ۽ ڪشمير جي تڪرار جي نبيري ٿيڻ کان سواءِ، ۽ تعلقات کي صحيح معنائن ۾ معمول تي آڻڻ کان اڳ ۾، هندستان ۽ پاڪستان جي درميان گڏيل اقتصادي رٿائن جي متعلق سوچي به نه ٿو سگهجي. انهيءَ قسم جو تعاون فقط برابري ۽ باهمي اعتماد مان ئي پيدا ٿي سگهي ٿو. ان کي بندوق جي نشاني چيڻ سان پيدا ڪري نه ٿو سگهجي، خصوصاً اهڙيءَ حالت ۾ جڏهن هڪ قوم پنهنجي پاڙيسريءَ جي اقتصادي ۽ علائقائي حقن تي ناجائز قبضو ڪري رکيو هجي. انهن حالتن ۾ فوجن ۾ تخفيف ڪرائڻ جي ڪوشش، عملي طور به وڏيڪ بيسود ثابت ٿيندي.

www.bhutto.org

وڏيل حالت ۾ هڪ ئي علاج هوندو آهي، ۽ اهو آهي نشتر- گانڌيءَ جا عقيدت وارا علاج، برطانيه جا تسڪين بخش شربت ۽ اهي ڪرامتي نسخا، جيڪي سڄيءَ دنيا ۾ وڏي شوق سان آڇيا ويندا آهن ـــ سڀ بيسود آهن. اهي دوائون مريض جي حالت کي وڌيڪ خراب ڪن ٿيون ۽ ان جي قطعي شفايابيءَ کي وڌيڪ مشڪل بنائي ڇڏين ٿيون. آخرڪار، نشتر جو استعمال ئي ڪرڻو پوي ٿو ۽ يقيناً هڪ نشتر، جيڪا ڦڙتيءَ ۽ صحيح اندازي سان استعمال ڪبي، سا اهڙن ليکن چاقن کان بهتر آهي، جيڪي اوندهه ۾ اندازن ڪاٽ ڪوٽ ڪندا رهندا.

"پاڪستان جي متعلق سڄي اختلافي بحث ۾ عجيب ڳالهه اها تائيد ناهي، جيڪا ان کي آهستي آهستي سڀني حقيقت پسند ماڻهن وٽان حاصل ٿي رهي آهي، پر ان جي اها مخالفت آهي، جيڪا هن وقت تائين هندستان جي سچن خيرخواهن طرفان ٿي رهي آهي. اها صورتحال يقيناً ڪانگريس جي پروپئگنڊي جي قوت ۽ ان جي تسلسل جو نتيجو آهي، جنهن کي هندن جي وڏن ڪاروباري ماڻهن جي حمايت حاصل آهي. پروپئگنڊا تي هندن جي ذري گهٽ اجاره داري آهي. هنن غير محسوس ۽ مسلسل پروپئگنڊا جي ذريعي دنيا وارن کي يقين ڏياري ڇڏيو آهي ته اهي ئي "هندستان" آهن، ۽ "هندستان" کي تقسيم ڪرڻ جي ڪابه ڪوشش انگريزن جي طرفان ڪيل هڪ ظالمانه سازش آهي، جيڪي "قوت وجهو ۽ حڪومت ڪريو" واري پنهنجي تسليم ٿيل اصول تي عمل ڪري رهيا آهن.

"مغرب جا اڪثر آزاد خيال ماڻهو انهيءَ پروپئگنڊا جو مڪمل طور شڪار ٿي چڪا آهن. نتيجي طور، اسان کي هيءُ انتهائي حيرت انگيز منظر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته اڪثر پختهڪار برطانوي سياستدان دارالعوام ۾ ويهي سنجيدگي ۽ خلوص سان هندستان جي "وحدت" جي پيروي هندستان جي

www.bhutto.org

خرچ ۾ جيڪڏهن ايترو اضافو ڪيو هجي ها جو هڪ يا ٻه وڌيڪ ڊويزن فوج تيار ٿي پوي ها ته فتح ۽ شڪست جي درميان فيصلهڪن فرق واضح ٿي پوي ها.

66_1965ع وارن جنگي سالن ۾ به هن اربن پنجاسي ڪروڙ رپين جو چوٿين وارو خرچ انهن ڏهن اربن ڇهويهن ڪروڙ رپين جي ساليانه خرچ جي مقابلي ۾، جيڪو هندستان 1962ع کان وٺي دفاع لاءِ باقاعده طور مخصوص ڪندو آيو هو، پڄي سگهڻ لاءِ مشڪل سان ڪافي هو. آمريڪا کان امداد ملڻ جي خاتمي تي دفاع تي جيڪڏهن خرچ ۾ اضافو نه ڪجي ها ته گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ خرچ ڪي، جيڪو هندستان جي خرچ جي مقابلي ۾ چوٿين حصي کان به گهٽ هو، قائم رکڻ ئي زيادهم معقول ڳالهه ٿئي ها. هٿيارن جي ايتري هڪ طرفي ڪمي ڪري، جنهن مان قومي سلامتيءَ لاءِ خطرناڪ نتيجا نڪري سگهن ٿا، پاڪستان جي حڪومت سنتيانا جي هن قول جي صداقت کان بيخبريءَ جو اظهار ڪيو ته ”جيڪي ماڻهو ماضيءَ کي ياد رکي نه ٿا سگهن، تن جي سزا ان کي دهرائڻ آهي.“

www.bhutto.org

هن خطري ۾ سان ٻڌي سگهي ٿو. جيتوڻيڪ اهو صحيح آهي
ته فوجي امداد اسان کي هندستان جي خلاف استعمال ڪرڻ
لاءِ مهيا نه ڪئي ويئي، تڏهن به انهيءَ امداد جي اسان
وٽ موجودگيءَ کي هندستان جي خلاف هڪ مانع عنصر
جي حيثيت حاصل هئي. گذريل جنگ ۾ پاڪستان انهيءَ
وقت تائين امداد کي استعمال ۾ آڻيندو رهيو، جيستائين آمريڪا
طرفان جنگي سامان جي فراهميءَ تي امتناعي حڪم ۽ پيون
پابنديون نه وڌيون ويئون هيون.

هاڻي، اسان کي جنهن سوال جو جواب ڏيڻو آهي، سو
اهو آهي ته انهيءَ مانع کي ڪهڙيءَ طرح برقرار رکي
سگهجي ٿو.

www.bhutto.org

هندستان اسرائيل سان وڏيڪ صلح پسندانه رويو اختيار ڪرڻ لاءِ سبب ڳولي ڪڍندو. صدر ناصر ۽ بين عرب اڳواڻن کي سندن پاليسين جي وسيع پٿماني تي نئين سر تشخيص ڪرڻي پوندي. ڪين صحيح طور اندازو لڳائڻو پوندو ته ڪهڙيون ڳالهيون اڳ ۾ ڪرڻ گهرجن ۽ ڪهڙيون پوءِ؛ ڪين تصادم جي نڪات ۾ ڪمي آڻڻي پوندي ۽ هن باري ۾ فيصلو ڪرڻو پوندو ته ڀنهي مان وڌيڪ خطرناڪ ڪهڙو آهي: اسرائيل يا خود عربن جون پاڻ ۾ هلندڙ رقابتون. ڪين سب تعصب ترڪ ڪري، يمن ۽ ايراني نار جي مسئلن تي نظرثاني ڪرڻي پوندي ۽ ترقي پسند ۽ قدامت پسند حڪومتن جي درميان هڪ جٽادار ۽ قابل عمل تصفيه ڪرڻو پوندو. گويا، عام فهم لفظن ۾ ڳالهائيندي ائين ڪٿي چئجي ته متحده عرب جمهوريه کي ايندڙ ڪجهه وقت لاءِ، خود پنهنجو پاڻ ڏانهن وڌيڪ ڏسڻو پوندو. سڀني ڪان وڌيڪ اهم ڳالهه اها آهي ته ايران ۽ متحده عرب جمهوريه جي درميان ميلاپ ڪرائڻ لاءِ سچيون ڪوششون ڪرڻيون پونديون.

---

www.bhutto.org

# باب ڏهون

## پاڙيسرين ۽ ڪن ٻين ملڪن سان تعلقات

پاڪستان، ايران ۽ ترڪيءَ سان مثالي تعلقات قائم ڪيا آهن ۽ ٻائيءَ وارو اهو اشتراڪ ايشيا جو روزبروز وڌيڪ طاقتور عنصر بڻجي رهيو آهي. ترقيءَ لاءِ علائقائي تعاون، جنهن کي عام طور تي آر-سي-ڊي سڏيو وڃي ٿو، اسان جي ملڪن کي هڪٻئي جي وڌيڪ قريب آڻيندو، ڇاڪاڻ ته ان جو بنياد مساوات، باهمي امداد ۽ دوستيءَ تي رکيل آهي. اسان کي پنهنجن باهمي تعلقات کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ گهرجي ۽ مشترڪه مشڪلاتن تي قابو حاصل ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوشش سان هڪٻئي جي مدد ڪرڻ گهرجي.

مستقبل لاءِ هيءَ هڪ ڏاڍو نيڪ شگون آهي ته ترڪي ۽ عرب رياستن جي درميان ظاهري طور حل نه ٿي سگهڻ جهڙن تعصبن تي قابو حاصل ڪيو پيو وڃي. تازوئي، اصلاح جون ڪيئي علامتون ظاهر ٿيون آهن، پر انهن سان ڪابه انهيءَ حوصلو وڌائيندڙ حمايت جي برابر ڪانه هئي، جيڪا ترڪيءَ طرفان عرب-اسرائيل جنگ ۾ عربن کي حاصل رهي. اهڙيءَ طرح، ايران ۽ متحده عرب جمهوريه جي تعلقات ۾، جيتوڻيڪ ماضيءَ جي دوران بگاڙ رهيو، وچ اوڀر جي جنگ ۽ ان ۾ عربن جي مقصد لاءِ ايران جي حمايت، انهن تعلقاتن جي سڌاري لاءِ تمام عمدو موقعو فراهم ڪيو. عراق، ترڪي ۽ پاڪستان، سڀني جا تعلقات ايران ۽ متحده عرب جمهوريه ٻنهي سان سٺا آهن ۽ اهي انفرادي ۽ اجتماعي

www.bhutto.org

لاطيني آمريڪا جي رياستن، خاص طور ميڪسيڪو، ڪيوبا، برازيل ۽ ارجينٽائين جي وڏيڪ اهم رياستن سان تعلق وڌائڻ اڃا به وڌيڪ ضروري آهي.

پاڪستان ڪي، ٻن حصن ۾ ورهايل هئڻ ڪري، پنهنجي ملڪن جي پيٽ ۾ وڌيڪ پاڙيسري آهن: الهندي طرف ايران، افغانستان، چين ۽ سوويت يونين، جيڪا پاڪستان کان فقط ڪي ٿورا ميل دور آهي؛ اسان جي اوڀرندي بازوءَ ۾ برما ۽ ٿوري مفاصلي تي نيپال، ڀوٽان ۽ سڪم آهن. هندستان جو علائقو اولهندي ۽ اوڀرندي پاڪستان جي وچ ۾ واقع آهي. سندن بيهڪ جي ڪري، اولهه پاڪستان کي الجزائر تائين ڦهليل سڀني ملڪن سان ۽ اوڀر پاڪستان کي اوڀر ۾ انڊونيشيا ۽ جپان تائين سڀني ملڪن سان رابطو قائم رکڻ جي ضرورت آهي.

ايران سان پاڪستان جا تعلقات انتهائي شاندار آهن ۽ ڪو به سبب ڪونهي ته اسان جون ٻئي قومون هن علائقي ۾ امن کي پائدار بنائڻ لاءِ پنهنجي باهمي تعلقات کي اڃا به وڌيڪ مستحڪم بنائڻ جو ڪم چونه جاري رکن. افغانستان جي مسلم رياست، پاڪستان جي سرحد سان لڳو هڪ پاڙيسري رياست آهي ۽ انهيءَ ملڪ سان سٺا تعلقات، ٻنهي جي مفاد ۾ ٿيندا. تاريخ، عقيدي ۽ جاگرافيائي سرحدن جي بنياد تي، افغانستان سان اسان جا مشترڪه رابطا، ايشيا جي ڪنهن به ٻئي ملڪ جي مقابلي ۾ وڌيڪ آهن. ستم ظريفي اها آهي ته شايد انهن مشترڪه لاڳاپن جي گهڻائيءَ سبب، ڪن موقعن تي اسان جي تعلقات ۾ لاهه اچيو وڃي، پر سياسي زندگيءَ ۾ ڪٿي ڪهڙو به لاهه ۽ چاڙهه اچي، ٻنهي پاڙيسري مسلم رياستن لاءِ برادرانه تعلقات قائم رکڻ انتهائي ضروري آهن. اسان جي لاءِ اهو ممڪن آهي ته اسين پنهنجن اهم قومي مفادن جو تحفظ ڪندي به هڪٻئي سان برادرانه تعلقات قائم

www.bhutto.org

رکون. واضح سبين جي ڪري، هندستان افغانستان جي نيڪ خواهش حاصل ڪرڻ لاءِ وڏيون ڪوششون ڪري ٿو.

نيپال، پاڪستان لاءِ اهو ڪجهه آهي، جيڪو افغانستان هندستان لاءِ آهي. افغانستان، پاڪستان جي طرف کان خشڪيءَ ۾ گهيريل آهي ۽ اهو هڪ مسلمان بادشاهي آهي. ان جا سوويت يونين سان سٺا تعلقات آهن ۽ اتر ۾ هڪ خشڪيءَ جو رستو ان جي علائقي وچان لنگهي ٿو. نيپال، هندستان جي طرف کان خشڪيءَ ۾ گهيريل آهي ۽ اتي هڪ هندو بادشاهي آهي. ان جا چين سان سٺا تعلقات آهن ۽ هڪ سڙڪ انهن کي هڪٻئي سان ملائي ٿي. نيپال جي اوڀر پاڪستان ۽ سڪم ۽ ڀوٽان جي اهم رياستن سان ويجهڙائي، ۽ ان جي آسام صوبي سان نزديڪي، جنهن ۾ ناگا ۽ ميزو قبائل رهن ٿا، خواه نڪسل باڙي واري تنگ گذرگاه جي بغاوتن جو ذڪر ڪٿي نه به ڪجي، سي سڀ نيپال کي پاڪستان جي خارجه پاليسيءَ جي اندازن ۽ تخمينن ۾ وڏو اهم مقام ڏين ٿيون. ڪجهه سال اڳي تائين نيپال سان اسان جا تعلقات عدم موجود هئا. بهرحال، ٿورائي سال اڳي وچايل وقت جي تلافي ڪرڻ لاءِ وڏيڪ زوردار ڪوششون ڪيون ويئون آهن ۽ سڀني شعبن ۾ اسان جا ان سان تعلقات سڌري ويا آهن. اڃا به وڌيڪ اشتراڪ عمل جا زياده ۽ بهتر موقعا موجود آهن، جيڪي پاڪستان ۽ نيپال جي درميان روزانو وڌندڙ مفاهمت ۾ اضافو ڪندا. سڪم ۽ ڀوٽان پڻ پاڪستان جا پاڙيسري آهن، پر بدقسمتيءَ سان هندستان انهن رياستن کي، جن کي هو پنهنجو باجگذار سمجهي ٿو، اسان سان تعلقات قائم ڪرڻ جي اجازت نه ٿو ڏئي. هن ڳالهه ۾ شڪ ناهي ته انهن شمالي هماليائي رياستن جي آزاديءَ ۽ قومي وقار جو جذبو هڪ

www.bhutto.org

نہ هڪ ڏينهن علحدگيءَ جون بندشون ٽوڙي ڇڏيندو ۽ پاڪستان کي انهن سان باهمي مفاد جي بنياد تي تعلقات قائم ڪرڻ جو موقعو ملي ويندو. جمون ۽ ڪشمير وانگر، نيپال، سڪم ۽ ڀوٽان پڻ، هماليه جبلن جي قطار تي اهڙيءَ طرح سان بيٺل آهن، جو انهن سان هڪ قيمتي جاگرافيائي - سياسي هار ٺهي پيو آهي، جنهن جي قدر و قيمت کي ننڍي کنڊ جي سياست جي سلسلي ۾ فراموش نہ ڪرڻ گهرجي. اهو غير محفوظ علائقو اڃا بہ هڪ پيو ويٽ نام بڻجي سگهي ٿو.

پاڪستان کي برما سان انتهائي دوستانہ تعلقات قائم رکڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ گهرجي، جو انهيءَ ملڪ جون سرحدون اوڀر پاڪستان ۽ هندستان جي بي آراميءَ وارن علائقن سان مشترڪ آهن. برما سان گڏ لڳل اسان جي سرحد جي نشان بندي ڪئي ويئي آهي ۽ اسان جا باهمي رابطا اسان جي ٻہ - طرفہ تعلقات جي سڀني دائرن اندر مسلسل ترقي ڪندا رهيا آهن. اراڪان واري سرحد تي امن ۽ مفاهمت جي فضا قائم آهي ۽ انهيءَ ڳالهہ باهمي اعتماد کي وڌايو آهي. انڊونيشيا جي پاڪستان سان گڏ لڳل ڪابہ سرحد ڪانهي، پر ان جا اسان سان خصوصي تعلقات جيڪي صدر سوئيڪارنو جي زماني ۾ قائم ٿيا، سي ڪيس وڏيڪ وسيع معنائن ۾ هڪ پاڙيسريءَ جي حيثيت بخشين ٿا. اسان کي اميد آهي تہ ان ملڪ ۾ تازو ٿي جيڪي ڦيرڦارون آيون آهن، سي هنن ٻن انتهائي گنجان آباديءَ وارن مسلمان ملڪن جي تعلقات ۾ وڌيڪ اضافي جي راهہ ۾ رڪاوٽ ثابت نہ ٿينديون.

جيتوڻيڪ سوويت يونين سان پاڪستان جي ڪا سرحد لاڳيتي ڪانهي، ان هوندي بہ اسين ان جي ايترو ويجها آهيون، جو پاڙيسري سڏائي سگهون ٿا. پاڪستان - سوويت تعلقات

www.bhutto.org

ڪي گذريل تاريخ بگاڙي رکيو آهي، جنهن لاءِ نه پاڪستان ۽ نه سوويت يونين مڪمل طور ذميدار آهن. پاڪستان جي آزاديءَ وقت هن قسم جي هر علامت موجود هئي ته اسان جا تعلقات ٻنهي طرفن باهمي مفادن جي بنياد تي وڌندا ويجهندا رهندا. پر بعد ۾ رونما ٿيندڙ واقعن انهن اميدن کي ختم ڪري ڇڏيو. پاڪستان، سوويت - آمريڪي مقابلي جي انتهائي عروج واري زماني ۾ هڪ دفاعي معاهدي جو ميمبر بڻجي سوويت يونين جي مخالفت جي باهه ڀڙڪائي، جيڪا اهڙن سيني معاهدن کي پنهنجي قومي ۽ بين الاقوامي مفادن جي خلاف سمجهندي هئي. آمريڪا جي عالمي مفادن سان دائمي وفاداريءَ جي ثبوت پيش ڪرڻ جي فڪر ۾ پاڪستان ڪڏهن ڪڏهن غير معتدل طرز عمل اختيار ڪندو رهيو، جنهن جو نتيجو اهو ٿيو ته سوويت يونين، جمون ۽ ڪشمير جي معاملي ۾ هندستان جي حمايت جي صورت ۾ اسان کان بدلو ورتو. نهروءَ انهن اختلافن کي پاڪستان ۽ سوويت يونين جي تعلقات جي صورت کي وڌيڪ خراب ڪرڻ لاءِ نهايت هنرمنديءَ سان استعمال ڪيو. بين الاقوامي حالات ۾ تبديليءَ جي تحريڪ جي بنياد تي پاڪستان ۽ روس جي تعلقات ۾ هڪ رستو ان وقت پيدا ڪيو ويو، جڏهن مون پارڻ، بجلي ۽ قدرتي وسيلن جي وزير جي حيثيت ۾، معدني تيل جو معاهدو ڪرڻ لاءِ 1960ع جي پڇاڙيءَ ڌاري انهيءَ ملڪ جو دورو ڪيو. پاڪستان ۽ سوويت يونين جي درميان وڏيءَ اهميت وارو اهو پهريون رابطو هو ۽ ان ٻين ميدانن ۾ لاڳاپن لاءِ رستو هموار ڪيو. هيءَ ڳالهه خوشيءَ جو سبب آهي ته گذريل ڪجهه سالن ۾ سوويت يونين سان پاڪستان جا تعلقات بهتر ٿيندا رهيا آهن.

www.bhutto.org

چين ۽ هندستان اسان جا انتهائي اهم ۽ ويجها پاڙيسري آهن ۽ انهن جي باري ۾ جدا بحث ڪيو ويندو. جيسين عام تعلقات جو معاملو آهي، تيسين هيءَ دعويٰ ڪري سگهجي ٿي ته پاڪستان پنهنجن گهڻن پاڙيسرين مان اڪثر ملڪن سان دوستانه تعلقات قائم ڪيا آهن. اها ڪا معمولي ڪاميابي ڪانهي.

---

www.bhutto.org

# باب ٻارهون

## چين ۽ پاڪستان جا تعلقات

1962ع کان پوءِ چين ۽ پاڪستان جا تعلقات گهڻي قدر سڌري ويا آهن. انهيءَ ڳالهه، آمريڪا ۾ زبردست غلط فهميون پيدا ڪيون آهن، جتي هنن تعلقات جي معقوليت کي گهڻي قدر بگاڙي پيش ڪيو ويو آهي. چين ۽ پاڪستان جي تعلقات جو بنياد، ٻنهي ملڪن جي هندستان سان اختلافن تي رکيل ناهي. اهو عنصر جيتوڻيڪ اهم آهي، ان جي باوجود اهو اصلي سبب جو هڪ حصو آهي. چين، پاڪستان جو هڪ پاڙيسري آهي ۽ اسان لاءِ ضروري آهي ته اسان پنهنجن سڀني پاڙيسرين سان دوستي ۽ برابريءَ جي بنيادن تي سٺا تعلقات قائم رکون. پاڪستان ۽ چين جي درميان علائقائي يا ڪي ٻيا جهڳڙا ڪينهن، جيڪي اختلافن پيدا ڪرڻ جا سبب بڻجن. چين ۾ انقلاب جي خاتمي کان بعد ئي ان جي اها پرخلوص ڪوشش رهي آهي ته پاڪستان سان معمول جي مطابق تعلقات قائم ٿين. وزير اعظم چو اين لائي بنڊونگ ڪانفرنس جي دوران پاڪستان جي وزير اعظم کي يقين ڏياريو هو ته چين، پاڪستان سان سٺا تعلقات چاهي ٿو ۽ پاڪستان لاءِ هڪ طاقتور پاڙيسري ملڪ جي طرف کان خيرخواهيءَ جي انهيءَ اظهار کي ٺڪرائڻ غير دانشمنديءَ وارو ڪم هجي ها. ايشيا ۾ چين جي غالب حيثيت تسليم ٿيل آهي ۽ پاڪستان هڪ ايشيائي ملڪ آهي، جنهن جو مقدر هميشه لاءِ ايشيا سان وابسته آهي. ان ڪري پاڪستان لاءِ اهو نهايت ضروري آهي ته اهو ايشيا جي اتحاد کي مستحڪم بنائڻ لاءِ چين سان دوستانه تعلقات قائم رکي. ايشيائي ۽ آفريڪي قومن جي

www.bhutto.org

حالت وڏيڪ خطري واري ٿي پوندي. انهيءَ وقت اسان وري ائين پٺتي رهجي وينداسون، جيئن سوويت يونين سان پنهنجي تعلقات کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ۾ اسين هندستان کان پٺتي رهجي ويا هئاسون. جيڪڏهن قيمتي وقت هن طرح ضايع ٿيندو رهيو ته ان مان ناقابل تلافي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي. ان ڪري هيءَ ڳالهه انتهائي ضروري آهي ته پاڪستان چين سان پنهنجن دوستاڻن تعلقات کي ترقي ڏيڻ ۾ مصروف رهي- ۽ آمريڪا جي عالمي پاليسيءَ جي موجوده رجحانن جي مدنظر چين سان قائم ٿيل موجوده تعلقات کي قطع ڪرڻ لاءِ ٿيندڙ سيني ڪوششن جو مقابلو ڪري انهن کي قائم رکي. پاڪستان کي خود پنهنجي مهذب سياسي مفادن جي بنيادن تي پنهنجي خارجہ پاليسيءَ جي تشڪيل، عالمي طاقتن جي بدلجندڙ سياسي ضرورتن کان بي نياز ٿي ڪرڻ گهرجي.

www.bhutto.org

# باب تيرھون

## يورپي ملڪن ۽ عظيم طاقتن سان تعلقات

هاڻي اهو ڏسڻو آهي ته مغربي دنيا جي ٽن ٻين عظيم طاقتن مان ڪهڙي طاقت مستقبل قريب ۾ پاڪستان جي قومي مفاد کي ترقي ڏيڻ جو وڏيڪ حق ادا ڪري سگهي ٿي؟ ۾ ان جي موجوده پاليسيءَ جي آڌار تي، فرانس لاءِ سڀني کان وڌيڪ گمان ڪري سگهجي ٿو. خود ارادیت جي حق لاءِ ان جي حمايت، ائٽلانٽڪ معاهده جي سربراهيءَ کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ سندس ڪوشش، ۽ ايشيائي مسئلن ۾ ان جي شعور مان اهو نتيجو نڪتو آهي جو پاڪستان ۽ فرانس جي درميان تعلقات خوشگوار آهن.

سيپٽمبر 1965ع واريءَ جنگ ۾، فرانس پاڪستان کي نااميديءَ جو ڪو سبب نه ڏنو. ان جي برعڪس، سلامتي ڪائونسل ۾ ان جو رويو هن ڪري نهايت مددگار ثابت ٿيو، جو ان ٻين عظيم طاقتن طرفان تعزيرن وجهڻ جي ڌمڪين جي مخالفت ڪئي. جولاءِ 1965ع ۾ ڪنسورشيم جي درميان بحران واري وقت ۾ پڻ فرانس پاڪستان کي اقتصادي ۽ سياسي ٻنهي قسمن جي امداد ڏني. ان جي عالمي پاليسي اسان جي قومي ۽ بين الاقوامي مفادن سان مطابقت رکي ٿي، ۽ هن سربراهيءَ جي زيرسائي هندستان جي قد ڪاٺ ۾ اچڻ واري ڪوتاهيءَ جي منفي نتيجن جو احتياط سان مطالعو ڪيو آهي. فرانس کي يقين آهي ته، چين سان هندستان جو جهيڙو، ايشيا ۾ امن لاءِ فائديمند ناهي. اهو ملڪ هن ڳالهه جو قدر ڪري ٿو ته پاڪستان چين سان اعتماد ۽ مفاهمت جا تعلقات قائم ڪيا آهن، ۽ هو پاڪستان طرفان پنهنجي وجود

www.bhutto.org

جيڪا مدد ميسر آهي، تنهن جو پڻ ان کي عالمي رقابتن ۾ ڪوئي پڌل سڌل موقف اختيار ڪرڻ بدران هر معاملي جي خصوصيتن جي مطابق پنهنجي حڪمت عملي متعين ڪرڻ گهرجي. اها حڪمت عملي هر بلاڪ جي اندروني معاملن ۾ "عدم مداخلت" ۽ سڀني قومن لاءِ خود ارادیت جي حق جي نظريي جي مطابق هئڻ گهرجي. ڪنهن اهڙو پيشگي شرط پڻ قبول ڪرڻ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي، جيڪو ان جي قومي ۽ نظرياتي ذميدارين کي پوري ڪرڻ کان ڪنهن به صورت ۾ سندس عمل جي آزاديءَ کي محدود ڪندو هجي.

www.bhutto.org

فوجي ساز وسامان جي فراهميءَ بابت بنيادي آمريڪي رويي کان هنائڻ ڏاڍو مشڪل ٿيندو. پوءِ به اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته انهن مان ڪي، ڪهڙيءَ حد تائين تعاون ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا. پاڪستان جي نقطہ نظر کان مغربي يورپ ۾ فرانس سڀني کان اهم ملڪ آهي ۽ اهو ضروري ناهي ته فرانس آمريڪا جي حاليہ فيصلن کان اثر قبول ڪيو هجي. اسان انهيءَ ملڪ سان جيترو جلد مفاهمت پيدا ڪري وٺون، اوترو ئي پنهنجي لاءِ بهتر ٿيندو.

www.bhutto.org

ٿي وڃڻ، نه فقط ڪرايه ۽ ويمي جي نرخن ۾ اضافي جو سبب بڻبو، بلڪ صنعتي، تجارتي مال ۽ غذائي جنسن جي فراهميءَ ۾ دير به ٿيندي ۽ اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي ضرورت جي شين جي قيمتن کي متاثر ڪندي. هيءَ ڳالهه شڪ واري آهي ته موجوده زرعي پيداوار، پنجويهه لک ٽنن جي کوٽ کي پُور ڪرڻ جي قابل ٿيندي يا ڪين. خوراڪ جي جنسن لاءِ مطالبن جي جواب ۾ آمريڪا جي رويي مان ان جي اندازِ فڪر جو ڪجهه پتو پوندو.

---

www.bhutto.org

ڪي واضح ڪري ڇڏي ۽ عوام کي مناسب حفاظتي تدبيرون مهيا ڪيون وڃن، ته ڏوهن جو تناسب گھٽجي ويندو. بي گناهه ماڻهن جو بہ بچاءُ ٿيندو، ۽ ملڪي سرحدن جي هڪ هڪ انچ زمين جو پڻ. ان هوندي بہ هٿيارن جي تقسيم سوچ ويچار سان ٿيڻ گھرجي، ۽ منظم مليشيا کي چند جاين تي رکڻ بدران سڄي ملڪ ۾ ڦهلائڻو پوندو. مليشيا جي هرهڪ ماڻهوءَ جو نالو معلوم هوندو ۽ ڏوهن جي عادي ماڻهن کي ڀرتي نہ ڪيو ويندو. حقيقت هيءَ آهي تہ آتشين اسلحہ جي استعمال جي مشق ۽ دوبدو لڙائيءَ جي طريقن جي تربيت پاڪستان جي عوام کي انهن بي راه قسم جي ماڻهن کان، جن جي زد ۾ هن وقت وچولي درجي جا ماڻهو بہ آهن، حفاظت ڪندي. هڪ چڱي نموني سان منظم ۽ سٺي قيادت هيٺ مليشيا جي تشڪيل ماڻهن ۾ شهري ذميدارين جو احساس پيدا ڪري نظم ۽ ضبط برقرار رکڻ ۾ مددگار پڻ ٿي سگھي ٿي.

---

www.bhutto.org

جيڪڏهن انهيءَ قسم جي ڪوشش ناڪام ٿي وڃي ته ترجيح لائق اهو رستو ٿيندو ته ٽين دنيا جي ملڪن جي پشت پناهيءَ سان گڏ، جن مان اڪثر اسان جي خود اراديت جي حق جي حمايت ڪن ٿا، ۽ انهن عظيم ۽ نيم عظيم طاقتن جي حمايت سان، جن کي اسان سان همدردي آهي، اجتماعي محاذ آرائي جي حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي.

1958ع جي آخري ۽ 1959ع جي شروعاتي حصي ۾ هندستان ۽ پاڪستان کي دفاع جي معاملي ۾ تعاون تي آماده ڪرڻ جون ناڪام ڪوششون ڪيون ويئون. انهيءَ تجويز جي ناڪاميءَ جو هڪ سبب اهو هو ته آمريڪا جي طرفان انهيءَ مقصد لاءِ اُن ڪان اڳي جيڪو ميدان هموار ڪيو ويو هو، سو ناڪافي هو. گذريل تجربي جي روشنيءَ ۾ هاڻي محتاط ڪوششون ڪيون پيئون وڃن. رهنمائن ۽ صحافين جي باهمي دورن ۽ ٻنهي ملڪن جي درميان سفر جي شرطن ۾ نرمي جي متعلق ڳالهيون ٻڌڻ ۾ اچي رهيون آهن. ان سان گڏ ئي مشترڪه منصوبن جي ضرورت ۽ هٿيار بند فوجن ۾ ڪميءَ جي معاملن تي زور ڏنو پيو وڃي. خيال هيءَ آهي ته موجوده حالتن کي برقرار رکيو وڃي ۽ ڪنهن ڏينهن هڪ باهمي ٺاهه يا ننڍن ننڍن باهمي معاهدن جي ذريعي ان تي مهر هڻي نيٺ مسئلي کي حل ڪيو وڃي.

www.bhutto.org

ڪشيدگيون ۽ نظم و نسق لاءِ نوان مسئلا پيدا ٿيا آهن.

6- سپٽمبر 1965ع تي جيڪا جنگ، بين الاقوامي سرحدن ڪي لتاڙي لاهور تي مسلط ڪئي ويئي، سا هندستان ۽ پاڪستان جي تعلقات جي تاريخ ۾ هڪ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿي. انهيءَ تاريخ تي هندستان نيٺ انهيءَ حد ڪي اورانگهي ڇڏيو، جتان ڪان واپسي محال هوندي آهي.

تمام طويل وقت ڪان وٺي ڀارت جا پرچارڪ هيءَ دعوى ڪندا رهيا آهن ته ڀارت جي ثقافتي، سياسي ۽ اقتصادي قيادت ڪي هندوڪش جبلن ڪان وٺي ميڪانگ نديءَ تائين عمل پيرا ٿيڻ گهرجي. هندستان جي سچي تاريخ ۾ هندو سياسي مفڪرن انهيءَ موضوع ڪي ايتري تفصيل سان ۽ ايتريقدر لڳاتار پيش ڪيو آهي، جو اهو بذات خود انهيءَ روايت جو هڪ حصو بنجي پيو آهي، جيڪا جديد هندستان ڪي ورثي ۾ ملي آهي. انڪل هڪ هزار سال ٿيڻ وارا آهن، جو هندستان انهيءَ لائق هو ته انهيءَ شاندار منزل طرف قدم وڌائي سگهي، پر انهيءَ ڳالهه ڪان هندن جي غير متزلزل مطمع نظر جي نه شدت گهٽ ٿي آهي ۽ نه ان جي وسعت ۾ ڪا ڪمي آئي آهي. انهيءَ مقصد طرف پهريون قدم هيءُ آهي ته پاڪستان ڪي بي اثر بڻايو وڃي، پر "اکنڊ ڀارت" جو نيم مذهبي نظريو نيٺ به پاڪستان جي خاتمي جو متقاضي آهي.

جون ڪوششون ڪيون پيئون وڃن، جو اوير پاڪستان کي اولهه بينگال جو محتاج بنائي ڇڏيندو. انهيءَ قسم جو حل پاڪستان کي اولهه بينگال جي رحم وڪرم تي ڇڏي ڏيندو، جنهن مان اثر ۾ تباهڪن نتيجا نڪرندا. انهيءَ مثال جي مطابق وري بجليءَ جا منصوبا باهمي اشتراڪ ڪرڻ لاءِ سامهون ايندا، جيڪي اڳتي هلي زراعت ۾ صنعت ۾ تعاون تائين وڃي پهچندا. هٿياربند فوجن ۾ ڪميءَ جي تجويز تي هن ڪان اڳي خيال جو اظهار ٿي چڪو آهي، پر ان صورت ۾ به انهن سپني خامين ڪان قطع نظر، جن تي بحث ٿي چڪو آهي، هندستان انهيءَ قسم جي معاهدي ۾ هميشه چين جي خطري تي مبالغه آرائيءَ جي ذريعي آمريڪا جي ملت سان معاهدي ڪان ڪترائي پنهنجو ڪم ڪڍي سگهي ٿو. جيڪڏهن اهو ڪم مشڪل ٿي پيو ته ڪوشش ڪئي ويندي ته هندستان کي طفيلي ملڪن ڪان هٿيار فراهم ڪرايا وڃن ته جيئن معاهدو ان سان لاڳو نه ٿي سگهي.

www.bhutto.org

نالي ماتر آزادي
ذوالفقار علي ڀٽو
سنڌي ادبي بورڊ



# نالي ماتر آزادي
# ڪشمير جو مسئلو
# پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي